# ميين شاهہ عنات رضوي جي سرجيت سري جو ميڊيا موسيقياتي تحقيقي اڀياس

# Media Musical Analysis of Sur Jait Sri by Miyoon Shah Inat Rizvi

ذوالفقار علي قريشي


## Abstract:

*Miyoon Shah Inat Rizvi was a great poet and musicologist. He was the first poet at Sindh who rote Sur Jait Sri among his 22 Surs in his Risalo. Shah Abdul Latif Bhittai was his deciple and follow his pattern of poetry and music. The purpose of this research paper to produce the media musical analysis, description, history of Sur Jait Sri.*

*On the occasion of first Urs of Miyoon Shah Inat Rizvi at his shrine researcher perform the Sur Jait Sri first time at media. The department of Culture and Tourism arrange this rare performances.*


### مِيَ٘ون شاهہ عِنات رضوي ۽ سندس شاعري

ميون شاهہ عنات رضوي قاضي قادن، شاهہ ڪريم ۽ شاهہ لطف الله قادريءَ کان پوءِ ڪلهوڙن جي دؤر جو بلند پايي جو شاعر ۽ درويش ٿي گذريو آهي. سندس والد جو نالو سيد نصير الدين هو. شاهہ عنات رضوي بکر جي رضوي سيدن مان هو. شاهہ عنات، شاهہ لطيف جو ٻہ همعصر هو ۽ عمر ۾ کانئس وڏو هو. هن جو جنم 1625ع ۾ ٿيو ۽ 1713ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. سندس وڏا روهڙيءَ کان لڏي نصرپور وجي رهيا هئا. هو اعليٰ خاندان جو فرزند هو. هن باقاعده تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي. روحانيت جي لحاظ کان پنهنجي والد جي مرشد شاهہ خير الدين جو مريد هو. اُن جي زيارت لاءِ سکر ويندو هو. هن جو لاڙو سهروردي طريقي ڏانهن هو. هن جي ڪلام ۾ سهروردي بزرگ شيخ بهاؤ الدين ذڪريا ملتاني ۽ ٻين جو ذڪر ملي ٿو. هن بيت ۾ فرمائي ٿو تہ:

"منهنجو پير ملتان ۾ صدر الدين سڄي،
سُئر تنهن نوريءَ جو روهتي رڄي،
ٻين بک ڀڄي، ڏسندي ساڻا ڏاتار جي."(1)

شاهہ عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن جو مڪمل رسالو حاصل ٿيو آهي. "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 'ميين شاهہ عنات جو ڪلام' تحقيق ۽ تصحيح

ڪري سنه 1963ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، پاڪستان جي زير سايه شايع ڪيو.“ (2)

هن جي بيتن جي ٻولي سنڌي، سُٺي، سُپڪ ۽ رواني سان ڀرپور آهي. بيتن جي ترتيب سُرن موجب ڏني وئي آهي.

شاهه ڪريم کان پوءِ سنڌي شاعريءَ جو علمبردار شاهه عنات رضوي هو هن سنڌي بيتن جي ترتيب ۾ نون خيالن ۽ جوڙجڪ ۾ تبديلي آڻي سندس هيئت ئي تبديل ڪري ڇڏي. شاهه ڪريم جي زماني ۾ سنڌي شاعريءَ جون ٻه واٽون نظر اچن ٿيون: هڪ الف اشباع وارا طويل نظم جنهن ۾ هڪ ئي رديف نظر اچي ٿو. ٻيو بيت جيڪو دوهي جي طرز تي رکيو ويو. البت عثمان احسانيءَ جي ڪلام ۾ ٻن کان وڌيڪ سٽن وارا بيت ملن ٿا. سنڌي بيتن جي ترتيب ۾ مستقل طرز قائم ڪئي ويئي. اُن جو پهريون اُهڃاڻ شاهه رضويءَ جو ڪلام آهي. سنڌي شعر ۾ وائيءَ جو استعمال به سڀ کان اول عنات جي ڪلام ئي نظر اچي ٿو.

”سنڌي وائي به شاهه عنات جي ڪلام ۾ هيئت، مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ کان اوج تي رسيل نظر اچي ٿي. عنات کان اڳ وائيءَ جي روايت سنت شاعر دادو ديال جي شعر ۾ ملي ٿي. شاهه عنات راڳ جو به وڏو ڄاڻو هو. ”مولود“ لفظ به پهريون ڀيرو شاهه عنات جي وائيءَ ۾ ڪم آيو آهي.“ (3)

شاهه عنات جي واين جي ٿلهن جو سٽاءُ ٻن قسمن جو نظر اچي ٿو. 33 واين جي ٿلهن ۾ قافيو وچ تي ۽ نون 9 واين جي ٿلهن ۾ قافيا آخر ۾ ڏنل آهن.

سندس بيتن ۾ فني پختگي به آهي ته رنگيني ۽ شگفتگي به آهي. هي پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ تصوف جي ذڪر سان گڏ حسن ۽ عشق توڙي هجر ۽ وصال جون بيان دلگداز انداز ۾ ملي ٿو. ان کان سواءِ سندس ڪلام ۾ سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جو عڪس به ملي ٿو. ڪانئس اڳ جي سنڌي شاعريءَ ۾ سنڌ جي رومانوي داستانن تي فقط چند بيت ملن ٿا. پر شاهه عنات جي رسالي ۾ هر رومانوي داستان تي هڪ مڪمل سُر ملي ٿو جنهن ۾ ڪيترائي بيت شامل آهن.

## شاهه عنات جو رسالو:

رسالي جي اها روايت هوندي آهي ته ان ۾ مختلف سُرن هيٺ بيت ۽ وايون هونديون آهن. هر سُر، فصلن ۾ ورهايل هوندو آهي. جنهن ۾ پهريائين. بيتن ۽ واين کي ’سرودن‘ ۾ سموهيائين، جن مان ڪلياڻ، جمن، ڪنيات، سري راڳ، رامڪلي، پرڀاتي (پرڀات)، ڌناسري، جيت سري، پوربي (پورب)، آسا، بلاول، سورٺ، سارنگ، توڏي (توڙي) ۽ ڪاموڏ تسليم شده راڳ ۽ راڳڻيون آهن. سنڌس راڳ ۽ سرن جي ڄاڻ ان مان ظاهر آهي

جو خود بيتن ۾ 'وهاڳ' جو نالو ڪنيو اٿس:

چائين جان چارڻ! تان ويلا لهه وهاڳ جي
جاجڪ آهيين ذات، تہ ويلا لهه وهاڳ جي

"'جيت سِري' جو نالو پهريون پيرو مياڻ شاهہ عنات جي سرن ۾ ملي ٿو ۽ راڳ جي علم موجب 'جيت سري' پوربي ٺاٺ مان هڪ راڳڻي آهي. ڪن واين جي ٽلهہ ۽ مصراعن جي سٽاءَ مان ڳائڻ جي لئي نروار ٿئي ٿي. مثلاً هيٺين وائي 'ڳيچ' جي لئي ۾ رچيل آهي تہ:

ميندي لال لائيندون سهيليون، هٿ ڳل هار گلاب تني کي
سيد شهباز ڪامل قلندر، در دولهہ سي ايندون،
مينديون لال لائيندون" (4)

انهن ٻنهي جا ٽلهہ ۽ مصراعون پڪي راڳ جو اهڃاڻ ڏين ٿا:

نتيجي طور چئي سگهجي ٿو تہ مياڻ شاهہ عنات هر رنگ ۾ رڱجي شاعري ڪئي. توحيد ۽ طريقت، سلوڪ ۽ نصيحت جا نُڪتا پڻ بيان ڪيائين. مگر عوامي قصن ۽ داستانن کي دل کولي ڳاياائين، ۽ سنڌي شاعريءَ جي عنوان کي وسيع ڪيائين. بيتن، مولودن ۽ وايتن کي لفظن جي راڳ رس، فقير فقراءُ سان بيحد محبت هيس. عبادتِ الاهي، سير و سفر سان نندي هوندي جو نينهن هئس. سندن دعا ۾ تاثير ۽ قبوليت گهڻي هئي. انسان دوستي، ساهہ وارن سان پيار ۽ ڪنهن جي دل نہ رنجائڻ وارن ڳُڻن سبب سندن توڙي هند ۾ لکين ماڻهو سندن مريد ٿيا. سماع سان خاص دلچسپي سبب هر وقت سندن رهاڻ ۾ گهڻي ڳاٽيتي ۾ ماڻهو موجود هوندا هئا. گهوڙي سواري خاص پسند. شعر و سخن سندن محبوب مشغلو هو. هڪ روايت موجب سنڌي شاعريءَ جي خاص ۽ منفرد صنف وائي ۽ هڪ تار واري ساز يڪتاري جو موجد پڻ حضرت ميون شاهہ عنايت رضوي رحہ آهي.

## راڳ رهاڻ سان رغبت:

شاهہ عنات جيئن ٻالڪپڻي کان مٽي پير رکيو تہ سندس اندر جي امانت ٻاهر اچڻ لاءِ بيتاب هئي. راڳ ۽ رنگ ڏانهن روح راغب ٿيڻ لڳس. وجت وارن فقيرن سان اٿڻ ويهڻ لڳو جنهن تي ڳوٺ جي ماڻهن سندس وڏي ڀاءُ مياڻ احمد شاهہ کي شڪايت ڪئي. تہ هن ڇوڪري جا ناناٽا دل آهن تنهن ڪري پنهنجي ناناڻن تي ويو آهي جو لنگهن فقيرن سان ڏينهن رات بيت-لوڏائو ڳائيندو وتي. مياڻ احمد شاهہ پنهنجي ماڻهن کي شاهہ عنات ڏانهن روانو ڪيو تہ وڃي مون وٽ وٺي اچوس ۽ پوءِ جڏهن اهي شاهہ عنات کي وٺي آيا تہ مياڻ احمد شاهہ جي جيئن مٿس نظر پئي تہ پري کان ئي چيائينس تہ "اچو ميان شاهہ عنات

لنگھا.“ سائين شاھ عنات بہ ٺھ پھ جواب ڏنس تہ ”اسين آھيون لنگھا تہ اوھين آھيو کنگھا.“ فقير جي وات مان وائي ڇا نڪتي جڻ تہ ڪمان مان تير نڪري چڪو ھو. چون ٿا تہ ان کان پوءِ مِيين احمد شاھ جي اولاد مان ڪنگھہ جو عارضو ڪڏھن ختم نہ ٿيو.

اھڙين حالتن جي پيش نظر شاھ عنات نصرپور کان نڪري ڪجھہ ميلن تي پنھنجو ڳوٺ شاھپور ساگري جي ڪنڌيءَ تي قائم ڪيائين. جتي زمينون، اوطاقون جوڙي ڇڏيائين ۽ ٻئي پاسي وٿاڻن ۾ مال جا وڳ پريا پيا ھئا. راڄ ڀاڳ سنڀاليائين ۽ غريب مسڪين ٻي پھچ ماڻھن تي ھٿ رکيائين. وڏا پنڌ ۽ ڏکيا سفر ڪري ڪڇ ڪانيا واڙ ۽ جيلسمير بہ گھمڻ ويندو ھو. اڄ بہ اتي ڪيترائي مريد ۽ معتقد اٿس. سنڌ جي ھر بزرگ جي مزار تي حاضري ڀريائين ۽ اھڙن ڪيترن ئي بزرگن کي پنھنجي شاعريءَ ۾ ياد ڪيو اٿس. جن جا نالا سُر ڏناسري ۾ موجود آھن.

”ھن پنھنجي ڪلام کي سرودن (سُرن) ۾ ورھايو جيڪي تسليم شده راڳن ۽ راڳڻين مطابق آھن. شاھ عنات جون 42 وايون، مولود، مدحيہ دعائيہ، نصيحت، سُر مارئي، سُر مومل راڻي، سُر ليلا، سُر سورٺ، سُر سسئي ، سُر سارنگ ۽ سُر ڪاموڏ (گندري) ملن ٿيون.“ (5)

## سُر جَيت سِرِي موسيقياتي جائزو:

سُر جيت سِري ۾ ھڪڙي رسالي ۾ 6 ۽ ٻي ۾ 9 ڏوھڙا ۽ ھڪڙي ئي وائي آھي. جنھن 7 ڏوھڙا تہ سنا ۽ 2 ڏوھڙ بہ سنا آھن.

وائيءَ ۾ 2 مصراعون آھن. جنھن مان ھڪڙي ۾ مقطعو بہ چيو ويو آھي.

ٽل جي وچ ۾ قافيو يا آخر ۾ قافيو آڻڻ واري مت ست واري انداز سان قافيي جو خوبصورت تڪرار ٻڌڻ ۾ سھڻو ٿو لڳي. ڇو جو وائي آھي ئي ڳائڻ جي صنف ۽ ڳائڻ ۾ سُر ۽ لئي جو جوڙ ۽ ٻن قافين جو تڪرار، وچتي کي ڍولڪ جي تال تي مزو ڏيندو جڏھن تہ قافيہ ڳائڻ ۾ وڌيڪ لطف پيدا ڪندا. ”خاص طور تي سم، گر ۽ انھيءَ جي ادائيگي ۾ ھر دفعو وائي جي ڏنل تال کي ٻيھڻ ھڪ امتحان ھوندو جڏھن تہ ڍولڪ ۽ طبلي تي وڄائيندڙ کي لئي ڪاري جو خاص مظاھرو ڪرڻو پوندو.“ (6)

”انھيءَ وائي کي راقم ۽ سندس پاءُ مظھر حسين مئين شاھ عنايت رضوي تي منعقد 23 نومبر 2019 سندس درگاھ تي ڪيل پھرين ادبي ڪانفرنس جي آخر ۾ راڳ رھاڻ جي محفل ۾ ڳائي پيش ڪيو ھو راڳ جيت سري تي ميڊيا تي پھريون دفعو ڪنھن راڳي ڳايو ھو. ھن جي موسيقي ميان نذر حسين خان ترتيب ڏني ھئي. جڏھن تہ سازندن ۾ بينجونواز امانت علي، طبلہ نواز علي حسن، ڍولڪ نواز انب جوڳي، سُرمنڊل نواز روبٽ قيصر، ڪنجري نواز مشبر عالماني، گٽار نواز برات علي ساٿ ڏنو.“ (7)

جڏھن تہ مظھر حسين جي ننڍي فرزند طھور حسين وائي ورائڻ ۾ پنھنجي وڏي چاچي ۽ والد محترم جو ساٿ ڏنو. ھن پروگرام ۾ سنڌ جا برک ليکڪ دانشور ۽ راڳي شامل ٿيا، ڪانفرنس

پروگرام جي ريڪارڊنگ محڪمئہ ثقافت وسياحت کاتي ڪراچي وٽ محفوظ آهي.

## سُر جيت سِري جو موسيقياتي اڀياس:

”پوربي ٺاٽ جو اوڊو سمپورن راڳ آهي. هن جي آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت ورج يعني ڪونہ استعمال ٿيندا آهن پر امروهي سمپورن هئڻ ڪري لڳندا آهن. ڪجھہ گائيڪ ڪرج کي ۽ ڪجھہ گائيڪ گنڌار کي وادي مڃيندا آهن. ڳائڻ جو وقت شام آهي. ڪجھہ گرنٿ صبح جو راڳ چون ٿا. انهي سان گڏوگڏ ڪي هن ۾ تيور (چڙهيل) D لڳائي ماروا ٺاٽ ۾ داخل ڪن ٿا. پر لڪشڻ سنگيت جي ليکڪ کي ٻئي نظريا ناپسند آهن. هن راڳ ۾ براري، ديسڪار ۽ ڌولسري ملندا آهن. شام جي وقت رکب ۽ ڌيوت آروهي ۾ ورج ڪندڙ راڳ جيت سري کان علاوه ٻيو ڪوئي ناهي. ان ڪري هن جي شڪل سيني کان الڳ ۽ جدا آهي.“ (8)

| | | | |
|---|---|---|---|
| آروهي | Ascending Order | S G M P N S | سا گا ما پا ني سا |
| امروهي | Descending Order | S N d P M G r S | ساني ڌا پا ما گاري سا |

## راڳ جي چلت

“N S, r S, G P, G, r S
N, GM, pd, MP, GP, MG, r S
N, S, G r S, PMG, d MG, MG r S
G, PG, NN, MG
MG r S, N S GP, MdP, MG PMG
D MG, M G r S S, G-PG-NN,MG
M G r S, N S G P, MdP
MG PMG, N r S, G r S
P M Gp, d PG, MG, r S
PP, MGP, MGrS, N, r S
GMp MGrS, S r S, GMP
MdP, PMGMP, MG r S
MdP, S-r S-N r S, G r S
r N d P, MG MdP, S
r N d P, S N d P, MG MGrS
MGM d P, S, S N r S, r N
d P, MGPdM, GrS MG M G r S”(9)

## موسيقيءَ جا سُر پڙهڻ لاءِ هدايتون:

موسيقي جي حوالي سان هِڪ سپتڪ ۾ ڪل 12 سُر ٿين ٿا. ان ۾ لٿل يعني ڪومل، نرم سر ۽ چڙهيل يعني تکو. تيز يا ڪومل سر ڪان آواز ۾ وڏيڪ سُر. جڏهن تہ سپتڪ ۾ ٻہ سُر (سا ۽ پا) قائم هوندا آهن يعني پهريون، وچون ۽ آخري. پهريون ۽ آخري سُر هيٺ مٿي هڪڙي ئي سُر جا ٻہ قسم ٿين ٿا. جيئن هڪڙو شروعاتي سا ٻيو مٿي وارو سَا.

هڪ سپتڪ جي ترتيب هن ريت هوندي آهي:

| نمبر | سُر | سُر جو نالو | سُر جي حيثيت | لُغوي نالو | ڏنل نشان |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | سا | کرج | قائم | اچل | S |
| 2 | ري | رکب | | ڪومل | r |
| 3 | ري | رکب | | تيور | R |
| 4 | گا | گنڌار | | ڪومل | g |
| 5 | گا | گنڌار | | تيور | G |
| 6 | ما | مڌم | | ڪومل | m |
| 7 | ما | مڌم | | تيور | M |
| 8 | پا | پنچم | قائم | اچل | p |
| 9 | ڌا | ڌيوت | | ڪومل | d |
| 10 | ڌا | ڌيوت | | تيور | D |
| 11 | ني | نکاد | | ڪومل | n |
| 12 | ني | نکاد | | تيور | N |
| | سا | ٽيپ جو سُر | قائم | اچل | S` |

## سُر جيت سري

اڄ آڏيائون اڏ، دل ۾ ديواريون ڪري
سڄڻ ساءَ پساهه جين، مون سين آهين گڏ
کهڙا ڪريين سڏ، ههڙن هيڪاندن ڪي.

اَڄ چيائون اِيئن پلي اَڳڻ آئيا
اونداهي ۾ سوجهرو، تنءُ ڪِئائون تِيئن
آنءُ تهن ڪانگل ڪيئن ويڻ ورائي آڇيان،

آنءُ ڪيئن ويڻ ورائيان قريباٽي ڪانگ
مٿي اڳڻ لُسري، چڙهي ڪئائين چانگ
ٻانگي ڏني ٻانگ، تان لُانئين ٿي آئيو.

لُانئين ٿي آئيو، ڳالهين ڳاٺ پري
مون سين مان ڪري، سڄيون سپرين جون

هٿ چري، اک ڦري، مونِ لمي ڪانگ
پرين سانگ سُسانگ موٽي ايندا مون ڳري

پهريائين ويڻ چئي، پوءِ دلاسو ڪن
اصلان ئي، عنايت چئي، اِي پر سُپيرين
پلوءُ چڏ ۾ من، ڏوراپائي نيهن جڙون.

جانب جيئين شال، هوَئي حياتي ڏينهڙا،
جانِ مٿان ئي جندڙو، مڏيون گهوريان مال،
ڪري پلايون پال، دِلاسو دِلگير کي.

ڏي دلاسو دِلگير کي، اچي اُهڪيءَ ويرَ،
پلين اڳڻ آئيين، پرِرتان پِري پير،
ساجن سيڪنهن ويرَ، هئين سلامت سُپرين

پهريائين ويڻ چئي، پوءِ دِلاسو ڪن،
اصلان ئي "عِنات" چئي، اِي پر سُپيرين،
پلوءُ چڏِ ۾ من، ڏوراپائي نِيهن جڙون.(10)

## وائي

اَڄُ گَهرِ، اڄُ گهر، ايندا سُپرين، ويٺي ڪانگ اُڏايان،

اِيهين پانيان

ڇُرَندي مال، پروڙيم ڪالهہ، سَرتين ڳالهہ سٽايان،

اِيهين پانيان

آلاهي! عِناتُ چئي، راٽو راتو ڏوءِ رانيان

ايهين پانيان.(11)

## حوالا:


1. سميجو اسحاق ڊاڪٽر 2019، ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن ميون شاهہ عنات رضوي ص، 152، 153، 164، 165، 82، 83، 84.
2. پيرزادو عبدالستار، 2016، شاهہ لطيف جي وائي ۽ وائي جي اوسر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي ص – 14.
3. بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر 1990، قافيون ۽ سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان، ص -23.
4. لغاري، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد (2008 - 2007) موتي مٽيادار سنڌ جا صوفي شعراءِ ڪرام، شاهہ ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد، ص - 38.
5. بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 1978، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ حيدرآباد سنڌ، ص 130 - 131 - 134.
6. اصلي معارف النغمات، حصو پهريون، ٺاڪر نواب علي خان، ڀات ڪنڊي، 1970، ادارو فروغ فن، 26 فضل بلڊنگ شاهہ عالم مارڪيٽ لاهور، جيت سري 292.
7. روزانہ ڪاوش حيدرآباد، 2019 آچر 24 نومبر
8. استاد بي بو خان 1950، دادا سنگيت، واڍن جو پڙ حيدرآباد، سنڌ پاڪستان، جيت سري ص 79، (قلمي نسخو)
9. قريشي ڊاڪٽر ذوالفقار علي 2017، وائي آف شاهہ عبداللطيف ڀٽائي اوريجن، ايوولوشن اينڊ رول آف ماس ميڊيا، ص 76.
10. بيگ مرزا قليچ، 1987، احوال شاهہ عبداللطيف، سندس راڳ جو شوق، ص- 66 - 67، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ، ثقافتي مرڪز حيدرآباد، ڀٽ شاهہ.
11. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ميين شاهہ عنات جو ڪلام، 2010، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ص - 201، 202